هفتيوار رسالو

# سج ۽ چنڊ گرهڻ



حاجين کي ستائڻ وارو

چنڊ ۽ سج تري رهيا آهن

چنڊ ۽ سج کي گرهڻ لڳڻ جو سبب

غلط رسمون ۽ رواج

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **سچ ۽ ڇنڊ ڇاڻ**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

**ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي**

مدني التجا: ڪنهن ڪي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# سچ ۾ چنبڙ گرهڻ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگرانپراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN:☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سج ۽ چنڊ گرهڻ [1]

**عطار جي دعا:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”سج ۽ چنڊ گرهڻ“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي، ان کي پنهنجي پياري پياري، سيني کان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻاءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بارگاهِ رسالت ۾ روزانو حاضر ٿي سلام عرض ڪندو هو

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان هر روز سحري جي وقت حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو هئس ۽ عرض ڪندو هئس: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰهِ. (نسائي، 208/3، حديث: 1210)

مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام　　شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ سج گرهڻ

صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زماني ۾ (سخت گرميءَ جي ڏينهَن ۾) سج کي گرهڻ لڳو

---

1۔۔۔ دعوتِ اسلامي جو شعبو ”علم فلڪيات“ شعبان شريف 1431 هجري مطابق 14 جولاءِ 2010 ۾ قائم ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن شعبي سڄي دنيا جي 3500 شهرن جا نماز جا وقت ۽ سحري ۽ افطاري جا نقشا تيار ڪيا آهن ۽ دعوتِ اسلامي جي مجلسِ آئي. ٽي. جي سهڪار سان 20 سال اڳ هڪ سافٽ ويئر تيار ڪيو ويو، توهان هن ايپ ۾ دنيا جي تقريباً 27 لک هنڌن جا نماز جا وقت ۽ سمتِ قبلہ حاصل ڪري سگهو ٿا.

تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز پڙهي (نماز دوران ئي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿورو اڳتي وڌيا پوءِ ٿورو پوئتي هٽيا، نماز ڪانپوءِ) صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان ڏٺو تہ اوهان (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) پنهنجي جاءِ تان ڪا شيءِ پڪڙي رهيا هئا، پوءِ اسان ڏٺو تہ اوهان (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) پوئتي هٽيا. الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون کي جنت ڏيکاري وئي تہ مان ان مان هڪ ڇڳو ٽوڙڻ لڳس، جيڪڏهن مان اهو ڇڳو ٽوڙي ڇڏيان ها تہ توهان رهندي دنيا تائين ان مان ڪائيندا رهو ها، پوءِ مون تي جهنم پيش ڪيو ويو تہ مان ان ڊپ کان پوئتي هٽيس تہ متان توهان کي ڪو نقصان نہ پهچي، مون ان ۾ هڪ ڊگهي ڪاري عورت کي ڏٺو جنهن کي ٻلي جي ڪري عذاب ڏنو پئي ويو، ڇو تہ هن هڪ ٻلي کي قيد ڪري ڇڏيو هو، نہ ان کي ڪاڌو کارايو، نہ پاڻي پياريو ۽ نہ ئي آزاد ڪيو تہ هوءَ زمين جا ڪيڙا ماڪوڙا کائي ها، ۽ مون جهنم ۾ ابو ثُمامہ عمرو بن لحي کي ڏٺو تہ هو پنهنجي آنڊن کي جهنم ۾ گِهلي رهيو هو. ماڻهو چوندا آهن تہ سج ۽ چنڊ کي ڪنهن وڏي شخصيت جي موت سبب گرهڻ لڳندو آهي، تہ ٻڌي ڇڏيو تہ سج ۽ چنڊ الله پاڪ جي نشانين مان بہ نشانيون آهن، جيڪي الله پاڪ توهان کي ڏيکاريندو آهي، جڏهن توهان انهن کي گرهڻ لڳل ڏسو تہ نماز پڙهو جيستائين گرهڻ هٽي وڃي.

(بخاري، 265/1، حديث: 748۔ مسلم، ص351، حديث: 2100۔ مسند ابي داؤد طيالسي، ص241، حديث: 1754 مفهوماً و ملخصاً)

## مڙس جي ناشڪري

هڪ روايت ۾ اهي لفظ بہ آهن تہ (الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري) پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون اڄ جهڙو خوفناڪ منظر ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ۽ مون ڏٺو تہ اڪثر دوزخي، عورتون آهن، عرض ڪيو ويو، ڇو يارسول الله (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)؟ فرمايائون: تہ ڪفر ڪنديون آهن، عرض ڪيو ويو: الله پاڪ سان ڪفر ڪنديون آهن؟ فرمايائون: مڙس جي ناشڪري ڪنديون آهن ۽ احسان نہ مڃينديون آهن، جيڪڏهن توهان انهن مان ڪنهن سان سڄي عمر احسان ڪيو پوءِ ٿوري ڳالهہ (مزاج جي خلاف) ڏسنديون تہ چونديون: مون ڪڏهن بہ ڪا ڀلائي توکان نہ ڏٺي. (بخاري، 360/1، حديث: 1052)

## ھي گرھڻ ڪڏھن لڳو ھو؟

مفتي اعظم جو خليفو، شارح بخاري حضرت علامہ شريف الحق امجدي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکي ٿو: جنھن ڏينھن حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت سيدنا ابراھيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو وصال ٿيو ھو، ان ڏينھن ھي گرھڻ لڳو ھو.

(نزھة القاري، 625/2، تحت الحديث: 632)

## ٻنھي جھانن جي سردار جي حڪومت

جنت مان ڇڳو ٽوڙڻ واري حديث پاڪ جي شرح ۾ حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ھن حديث مان ٻہ مسئلا معلوم ٿيا: ھڪ ھي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنت ۽ اتي جي ميون وغيره جا مالڪ آھن جو ڇڳو ٽوڙڻ کان رب منع نہ ڪيو، (بلڪ) پاڻ نہ ٽوڙيائون، ڇو نہ ھجي جو رب ڪريم فرمائي ٿو:

﴿اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝۱﴾ ”ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب! بيشڪ اسان توکي بيشمار خوبيون عطا فرمايون.“

ان ڪري حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ڪوثر جو پاڻي ڪيترائي ڀيرا پياريو. ٻيو ھي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي رب ڪريم اھا طاقت ڏني آھي جو مديني ۾ ٻيھي جنت ۾ ھٿ وجھي سگھن ٿا ۽ اتي تصرف ڪري سگھن ٿا، جن جو ھٿ مديني کان جنت ۾ پھچي سگھي ٿو، ڇا انھن جو ھٿ اسان جھڙن گنھگارن جي دستگيريءَ لاءِ نہ ٿو پھچي سگھي ۽ جيڪڏھن ھي چئو تہ جنت ويجھي اچي وئي ھئي تہ جنت ۽ اتي جون نعمتون ھر جاءِ حاضر ٿيون. بھرحال ھن حديث مان يا تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حاضر مجٽو پوندو يا جنت کي. (مرأة المناجيح، 382/2)

ہاتھ اُٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم! ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم

(حدائق بخشش، ص83)

## حاجين کي ستائڻ وارو

متي بيان ڪيل روايت ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ھڪ عورت کي ٻلي تي ظلم ڪرڻ سبب ۽ عمرو بن لحي نالي شخص کي ڏٺو، ھي زمانہ جاھليت ۾ ھڪ

شخص هو، ان وٽ هڪ لٺ هئي جنهن سان هو حاجين جون شيون لٺ جي مُنڍ (يعني مُڙيل حصي) سان چڪي وٺندو هو، جيڪڏهن حاجي کي خبر پئجي ويندي هئي ته منهنجي شيءِ کنهن چڪي آهي ته چوندو هو ته تنهنجي شيءِ منهنجي لٺ جي مُنڍ سان لڳي وئي ۽ جيڪڏهن ان کي خبر نه پوندي هئي ته هي شيءِ کڻي ويندو هو، ان کي صاحبِ مِحجَن چوندا هئا.

اهو به ياد رکو ته بغير شرعي سبب جي جانورن کي تڪليف ڏيڻ، مارڻ ناجائز ۽ گناه ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. والدين کي گهرجي ته ننڍڙن ٻارن کي سمجهائين جيڪي خواه مخواه ڪِولين، مکين ۽ ڪتن، ٻلين وغيره کي تڪليف ڏئي انهن جي رڙين يا تڪليف مان لطف اندوز ٿيندا آهن. منهنجا پير و مرشد، امير اهل سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي ڪلام ۾ ٻارن کي ڪجهه هن ريت نصيحتون فرمائن ٿا:

مَت کُتّے بِلّی کو مارو تڑپیں گے بے چارے بچو!
کیڑوں کو بے کار نہ مارو اچھے بچو! پیارے بچو!
چیونٹی کو بے کار نہ مارو اچھے بچو! پیارے بچو!
ہو جائے عطّار کی بخشش مِل کے دعا دو سارے بچو!

(غیر مَطبوعہ)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڄو جهان تنهنجي لاءِ آهي ۽ تون خدا جي لاءِ

الله پاڪ جي مخلوقَ ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۾ عقلمندن لاءِ نشانيون آهن، الله پاڪ پنهنجي پياري پياري آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ڪيل روشن ڪتاب قرآن ڪريم جي سيپاري 4 سورت آل عمران جي آيت نمبر 190 ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ فِیْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافِ الَّیْلِ وَ النَّهَارِ لَاٰیٰتٍ لِّاُولِی الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ رات ۽ ڏينهن جي هڪٻئي سان تبديليءَ ۾ عقلمندن جي لاءِ نشانيون آهي.

صوفياءِ ڪرام رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْھِم فرمائن ٿا تہ ھڪ گھڙي جو فڪر ھزار سال جي ان ذڪر کان افضل آھي جيڪو بغير فڪر جي ھجي.

(تفسير صراط الجنان، پ17، الانبياء، تحت الآية: 32، 316/6)

سورت رحمٰن ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَلشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ﴿۵﴾ (پ27، الرحمٰن: 5)

ترجمو ڪنزالايمان: ”سج ۽ چنڊ حساب سان آھن.“

الله پاڪ ھن آيت ۾ آسماني نعمتن مان بہ اھڙيون نعمتون بيان فرمايون آھن جيڪي ظاھري طور تي نظر اچن ٿيون ۽ اھي نعمتون سج ۽ چنڊ آھن، انھن نعمتن جي اھميت جو اندازو ھن ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ جيڪڏھن سج نہ ھجي ھا تہ اونداھي ڪڏھن بہ ختم نہ ٿئي ھا ۽ جيڪڏھن چنڊ نہ ھجي ھا تہ ڪيتريون ئي ظاھري نعمتون ختم ٿي وڃن ھا ۽ انھن جو سڀ کان وڏو فائدو ھي آھي تہ سج ۽ چنڊ معين (يعني مقرر) اندازي سان پنھنجن پنھنجن برجن ۽ منزلن ۾ حرڪت ڪندا آھن ، جو تہ جيڪڏھن سج حرڪت ڪرڻ بدران ھڪ ئي جاءِ تي بيٺو رھي تہ ان مان ڪو بہ فائدو نہ وٺي سگھندو ۽ جيڪڏھن ان جي گردش ماڻھن کي معلوم نہ ھجي تہ ھو معاملا نيڪ طرح سان سرانجام نہ ڏئي سگھندا ۽ انھن جو ھڪ فائدو ھي آھي تہ وقتن جي حساب سان سالن ۽ مھينن جو شمار انھن جي رفتار سان ٿيندو آھي.

(تفسير ڪبير، پ27، الرحمٰن، تحت الآية: 5، 339/10ـ تفسير مدارڪ، پ27، الرحمٰن، تحت الآية: 5، ص1191، ملتقطاً)

سج، چنڊ ۽ تارا الله ڪريم جي نعمت ۽ وڏي مخلوق آھن. الله پاڪ انھن ۾ اسان لاءِ بيشمار فائدا رکيا آھن. فلڪياتي رپورٽن مطابق سال 2025 جو پيو چنڊ گرھڻ (جيڪو پاڪستان ۾ بہ نظر ايندو) 7 سيپٽمبر تي پاڪستاني وقت مطابق رات 9 بجي 27 منٽن تي شروع ٿيندو. رات 11 لڳي 12 منٽن تي ھي مڪمل چنڊ گرھڻ پنھنجي عروج تي پھچندو جڏھن تہ رات 12 لڳي 57 منٽن تي ھي چنڊ گرھڻ ختم ٿي ويندو، جڏھن تہ ساڳئي سال جو پيو سج گرھڻ 21 سيپٽمبر تي پاڪستاني وقت مطابق رات 10 لڳي 30 منٽن تي شروع ٿيندو. رات 12 لڳي 42 منٽن تي ھي پنھنجي عروج تي پھچندو جڏھن تہ رات 2 لڳي 54 منٽن تي سج گرھڻ ختم ٿي ويندو پر ھي سج گرھڻ پاڪستان ۾ نہ ڏسي سگھبو.

سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ ڪنهن ڪي چوندا آهن؟ عوام ۾ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ بابت ڪهڙيون ڪهڙيون غلط فهميون موجود آهن؟ چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ جي ڪهڙي حقيقت آهي؟ اسان جو پيارو دين اسلام ان بابت ڇا ٿو فرمائي؟ دنيا ۾ ماڻهو هن موقعي تي مختلف انداز سان لطف اندوز ٿيندا (يعني Enjoy ڪندا) آهن، اسان جا پيارا پيارا آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي موقعي تي ڇا ڇا ڪندا هئا؟ انهن دلچسپ ۽ اهم معلومات تي مشتمل هي رسالو "سج ۽ چنڊ گرهڻ" پڙهو، ان شاءالله معلومات ۾ اضافو ٿيندو. سال جي مختلف مهينن ۽ ڏينهن ۾ چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ جا موقعا ايندا رهندا آهن، عموماً سال ۾ ٻه ڀيرا سج گرهڻ ۽ ٻه ڀيرا چنڊ گرهڻ ٿيندو آهي.

انهن ڏينهن ۾ پنهنجي مرحومن جي ايصال ثواب لاءِ خاص طور تي هي رسالو تقسيم ڪيو ۽ خوب ثواب ڪمايو. الله ڪريم اسان کي پنهنجي معرفت (يعني سڃاڻپ) نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## عذاب جا آثار ڊيڄاريندڙ آهن

مسلمانن جو عقيدو هي آهي ته الله پاڪ اڪيلو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي، پر هو عذاب جا سبب به ٺاهيندو آهي ۽ رحمت جا سبب به ٺاهيندو آهي، عذاب جي سببن ذريعي پنهنجي ٻانهن کي ڊيڄاريندو آهي ته جيئن اهي توبه ڪن ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ زاريون ڪن جيئن سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ الله پاڪ جي نشانين مان به نشانيون آهن جن سان هو پنهنجي ٻانهن کي ڊيڄاريندو آهي ته جيئن توبه ڪرڻ وارن جي جاچ فرمائي، ان مان معلوم ٿيو ته سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ اهي سبب آهن جن سان عذاب اچڻ جو خوف ٿيندو آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمّ المؤمنين حضرت بيبي عائشه صديقه رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا کي حڪم فرمايو ته هو چنڊ جي شر کان الله پاڪ جي پناهه گهرن ۽ ارشاد فرمايائون: "هي اونداهي ڪرڻ وارو آهي جڏهن ٻڏي." (ترمذي، 240/5، حديث: 3377)

الله پاڪ "اونداهي ڪرڻ وارو جڏهن ٻڏي" ان جي شر کان پناهه گهرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي، هي رات آهي جڏهن اونداهي ٿي وڃي ڇو ته ان وقت انساني ۽ جناتي شيطان پکڙجي ويندا آهن. چنڊ کان پناهه گهرڻ جو حڪم ان ڪري آهي جو هي رات جي نشاني آهي ۽ ان ڳالهه ۾ اشارو آهي ته رات جو ڊيڄاريندڙ شر

چنڊ نڪرڻ سان دور ناهي ٿي ويندو ۽ ڏينهن وانگر ناهي ٿي ويندو بلڪ چانڊوڪي رات ۾ بہ خدا جي پناهہ گهرڻ گهرجي. (لطائف المعارف، ص145)

## سج گرهڻ بابت دلچسپ معلومات

سج گرهڻ جو سبب اهل هيئت هي ٻڌائين ٿا تہ چنڊ، سج ۽ زمين جي وچ ۾ حائل ٿي ويندو آهي ۽ هي صرف چنڊ جي اٺاويهين يا اوڻٽيهين تاريخ تي ٿي سگهي ٿو، ٻين تاريخن ۾ ناممڪن آهي، ان ڪري چنڊ جي ڏهين يا چوڏهين تاريخ تي سج گرهڻ ٿيڻ محال آهي.

شارح بخاري حضرت علامہ شريف الحق امجدي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: عام عادت جي ڪري اهو ئي صحيح آهي پر الله پاڪ ان تي قادر آهي تہ هو سج گرهڻ عام عادت کان بغير لڳائي ڇڏي، بلڪ منهنجو گمان هي آهي تہ ان گرهڻ جي لڳڻ تي ماڻهن جو جيڪو گمان ٿيو تہ حضرت ابراهيم رَضِیَاللّٰہُعَنۡهُ جي انتقال شريف جي ڪري لڳو آهي، ان ئي ڪري اٺاويهين يا اوڻٽيهين بدران ڏهين تاريخ تي لڳو هو. ڏهين تاريخ تي گرهڻ لڳڻ جو ڪو عادي سبب نہ هو تہ ماڻهن اهو گمان ڪيو.

(نزهة القاري، 625/2، تحت الحديث: 632)

## سج، چنڊ ۽ تارا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سج الله ڪريم جي نعمت آهي، ان مان روشني سان گڏوگڏ سياري ۾ سج جي تپش حاصل ڪئي ويندي آهي. سج جي تپش (يعني گرمي) سان فصل پَچندا آهن جيڪي انسان جي غذا بڻجندا آهن. چنڊ بہ الله ڪريم جي نعمت آهي. سج زمين کان ڪيترائي ڀيرا وڏو آهي، قُطر جي لحاظ کان سج زمين کان 109 ڀيرا وڏو آهي جڏهن تہ چنڊ زمين کان 14 ڀيرا ننڍو آهي ۽ زمين کان سج اوسطاً 15 ڪروڙ ڪلوميٽر جڏهن تہ چنڊ 4 لک ڪلوميٽر پري آهي، سج جي روشني گرم جڏهن تہ چنڊ جي روشني ٿڌي هوندي آهي. ڏينهن ۾ سج ۽ رات جي اونداهي ۾ چنڊ مان روشني حاصل ڪئي ويندي آهي، جديد ٽيڪنالاجي جي هن دور کان پهريان، ماڻهو چنڊ تارن جي مدد سان رستا سڃاڻيندا هئا ۽ انهن جي روشني ۾ سفر ڪندا هئا.

## حڪم جا پابند

الله پاڪ طرفان عطا ڪيل ڊيوٽي مطابق سج، چنڊ ۽ تارا پنهنجن پنهنجن محور ۾ گردش ڪندا (يعني پنهنجي حدن ۾ گهمندا) رهندا آهن ۽ ان جي حڪم کان

ذرو ٻه ڀاهر نه ويندا آهن جيئن ته سيپارو 8، سورت الاعراف جي آيت نمبر 54 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ﴿يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا ۙ وَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ وَ النُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ الْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ﴿۵۴﴾﴾ ترجموڪنزالايمان: ۽ ان سج ۽ چنڊ ۽ تارن کي بڻايو هن حال ۾ جو سڀ ان جي حڪم جا پابند آهن. ٻڌو! پيدا ڪرڻ ۽ سمورن ڪمن ۾ تصرف ڪرڻ انهيءَ جي لائق آهي. الله وڏي برڪت وارو آهي جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي.

## هڪ مقام تي ارشاد ٿئي ٿو:

وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ﴿۲﴾ (پ13، الرعد: 2) ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سج ۽ چنڊ کي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو، هر هڪ. هڪ مقرر ڪيل واعدي تائين هلندو رهندو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: يعني پنهنجي ٻانهن جي فائدن ۽ انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سج ۽ چنڊ کي ڪم تي لڳائي ڇڏيو ۽ اهي حڪم مطابق گردش ۾ آهن. سج ۽ چنڊ مان هر هڪ، هڪ مقرر ڪيل وعدي يعني دنيا جي فنا ٿيڻ تائين هلندو رهندو. حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما فرمايو ته ”اَجَلٍ مُّسَمًّى“ مان سج ۽ چنڊ جا درجا ۽ منزلون مراد آهن يعني اهي پنهنجي منزلن ۽ درجن ۾ هڪ حد تائين گردش ڪندا آهن ان کان تجاوز نه ٿا ڪري سگهن. ان جي تحقيق هي آهي ته الله پاڪ سج ۽ چنڊ مان هر هڪ لاءِ حرڪت ۾ تيزي ۽ آهستگي جي هڪ مخصوص مقدار سان خاص جهت (پاسي) طرف خاص گردش مقرر فرمائي آهي.
(تفسير صراط الجنان، پ13، الرعد، تحت الآية: 2، 5/75)

## چنڊ ۽ سج ترِي رهيا آهن

وَ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ وَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؕ كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ﴿33﴾ (پ17، الانبياء، 33)

ترجمو ڪنزالايمان: اهو ئي آهي جنهن بڻايا رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ، هر هڪ گهيري ۾ ترِي رهيو آهي.

ھي سڀ ھڪ گھيري ۾ اهڙي طرح تري رھيا آھن جيئن ترڻ وارو پاڻي ۾ تري ٿو. (تفسير خازن، پ17، الانبياء، تحت الآية: 33، 276/3)

## سج خادم ۽ چنڊ ملازم

اسان جا آقا و مولا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جي عطا سان، ٻنھي جھانن جا مالڪ ۽ مختار آھن ۽ چنڊ، سج سندن فرمانبردار آھن. منھنجا آقا امام اھل سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنھنجي نعتيہ ڪلام ۾ عرض ڪن ٿا:

تیری مرضی پاگیا سورج پھرا اُلٹے قدم
تیری اُنگلی اُٹھ گئی مہ کا کلیجا چِر گیا

(حدائقِ بخشش، ص52)

شرح ڪلامِ رضا: منھنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقامِ صَهبَا تي جڏھن مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي خدمتِ عالي ۾ رھڻ سبب عصر جي نماز نہ پڙھڻ جي ڪري سج لھڻ جي وقت غمگين ڏٺو تہ ٻنھي جھانن جي سردار، الله پاڪ جي عطا سان بااختيار آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سج کي حڪم ڏنو، اھو فورا واپس اچي ويو ۽ جڏھن مڪي جي ڪافرن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ڪرڻ جي معجزي جو مطالبو ڪيو تہ مھر و ماہ (يعني سج ۽ چنڊ) جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اشارو ملندي ئي چنڊ ٻہ ٽڪرا ٿي ويو. ھڪ ٻئي مقام تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

چاند اشارے کا ہِلا حکم کا باندھا سورج
واہ کیا بات شہا تیری توانائی کی

(حدائقِ بخشش، ص154)

امير اھل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه شايد اشعارِ رضا کان روشني وٺندي لکن ٿا:

چاند دو ٹکڑے ہوا صدقے گیا
جب اشارہ مصطفٰے کا پاگیا
پاکے مرضی سَرورِ کونین کی
ڈوبا سورج پھر پلٹ کر آگیا

(وسائلِ بخشش، ص206)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خطبي ۾ "اَمّا بَعْدُ" چوڻ

صحابي رسول حضرت سمره بن جندب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سج گرھڻ وقت خطبو ڏنو ۽ ان ۾ "اَمَّا بَعْدُ" فرمايو. (نسائي، ص260، حديث: 1498)

# چنڊ ۽ سج گرهڻ لڳڻ جو سبب

هي چنڊ ۽ سج جي گردش تي منحصر آهي. پنهنجي حالت جي اعتبار سان زمين ۽ چنڊ اونداها آهن ۽ هي ٻئي سج مان روشني حاصل ڪندا آهن. سال ۾ عموماً ٻه ڀيرا زمين جي سڌ ۾ هڪ ئي رخ تي سج ۽ چنڊ اهڙي طرح اچي ويندا آهن جو چنڊ آڙ ٻڻجي ويندو آهي ۽ سج جي روشني کي زمين جي ڪجهه حصن تي پهچڻ نه ڏيندو آهي جنهن سان زمين وارن کي سج ڪُلي يا جزوي طور تي اونداهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، هي سج گرهڻ سڏرائبو آهي. اهڙي طرح سال ۾ عموماً ٻه ڀيرا زمين جي هڪ طرف سج ۽ ٻئي طرف چنڊ هڪ سڌ ۾ اهڙي طرح اچي ويندا آهن جو زمين آڙ ٻڻجي ويندي آهي ۽ سج جي روشني کي چنڊ تي ڪُلي يا جزوي طور تي پهچڻ نه ڏيندي آهي جنهن سان زمين وارن کي چنڊ ڪلي يا جزوي طور اونداهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، هي چنڊ گرهڻ سڏرائبو آهي.

# مڪمل سج گرهڻ

مڪمل سج گرهڻ ان وقت لڳندو آهي جڏهن چنڊ جو فاصلو زمين کان ايترو گهٽ هجي جو جڏهن اهو سج جي سامهون اچي ته سج مڪمل طور تي چنڊ جي پويان لڪي وڃي. ان ۾ سج جي مڪمل لڪي وڃڻ جي ڪري ڪجهه اونداهي ٿي ويندي آهي ۽ ڏينهن جي وقت تارا نظر اچڻ شروع ٿي ويندا آهن. چون ٿا ته هڪ مقام تي وڌ ۾ وڌ ست منٽ چاليهه سيڪنڊن لاءِ ائين ٿي سگهي ٿو. پر عام طور تي ان جو دورانيو ان کان گهٽو گهٽ هوندو آهي.

# چنڊ گرهڻ

جڏهن زمين جي هڪ طرف چنڊ ۽ ٻئي طرف سج اچي وڃي (هي عموماً چوڏهين رات يعني Full Moon ۾ ٿيندو آهي) ته ڪڏهن ڪڏهن زمين جو پاڇو جزوي يا ڪُلي طور چنڊ تي پوندو آهي ۽ چنڊ اونداهو نظر اچڻ لڳندو آهي. ان کي چنڊ گرهڻ چوندا آهن. چنڊ گرهڻ ڪڏهن جزوي ۽ ڪڏهن ڪُلي هوندو آهي. جزوي جا ٻه قسم آهن: پهريون گهرو پاڇو (Umbral)، ٻيون هلڪو پاڇو (Penumbral)، گهري پاڇي وارو چنڊ گرهَڻ نظر ايندو آهي جڏهن ته هلڪي پاڇي وارو چنڊ گرهڻ نظر نه ايندو آهي، شرعي اعتبار سان صرف گهري پاڇي واري گرهڻ تي ئي نماز آهي.

# غلط رسم ورواج

سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ بابت ماڻهن ۾ مختلف عقيدا ۽ نظريا ڏٺا ويندا آهن، ڪجھ مذهب ان کي منحوس سمجهندا آهن ۽ ڪن ماڻهن وٽ هي الله پاڪ جي ناراض ٿيڻ جي علامت آهي. ❀ ڪنهن جو عقيدو آهي ته چنڊ ۽ سج پهريان انسان هئا، انهن پينگين، چمارن کان ڪجھ قرض ورتو ۽ ادا نه ڪيو، ان سزا ۾ انهن کي گرهڻ لڳندو آهي. ان ڪري هندو گرهڻ وقت پينگين کي خيرات ڏيندا آهن ۽ گهرڻ وارا پينگي به چوندا آهن ته سج مهاراج جو قرض چڪايو. (مرأة المناجيح، 379/2)
❀ ۽ ڪٿي گرهڻ بابت هي خيال آهي ته گرهڻ ان وقت لڳندو آهي جڏهن سج کي بلائون ۽ خوفناڪ جانور ڳيهي ويندا آهن، هڪ ويب سائيٽ تان ورتل معلومات مطابق جڏهن به چنڊ کي گرهڻ لڳندو هو ته قديم چين جا ماڻهو گڏجي پوري قوت سان شور ڪندا هئا، انهن جو عقيدو هو ته چنڊ کي هڪ تمام وڏو نانگ ڪائي رهيو آهي، اسان جو هي شور چنڊ کي بچائڻ جي ڪامياب ڪوشش آهي. چنڊ گرهڻ پنهنجي وقت تي ختم ٿي ويندو هو پر هي ماڻهو پنهنجي ڪاميابي سمجهي ان جو جشن ملهائيندا هئا ۽ ايندڙ وقت پهرين کان وڌيڪ شور ڪندا هئا. ❀ ماڻهن جو هڪ غلط خيال هي به آهي ته جڏهن سج يا چنڊ کي گرهڻ لڳندو آهي ته حامله ڳئون، مينهن، ٻڪري ۽ ٻين جانورن جي ڳچي مان رسي يا زنجير کولي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن انهن تي برو اثر نه پوي. ❀ ڪجھ علائقن ۾ گرهڻ وقت ڪمزور عقيدي وارا پاڻ کي ڪمرن ۾ بند ڪري ڇڏيندا آهن ته جيئن بقول انهن جي هو گرهڻ وقت خارج ٿيندڙ نقصانڪار لهرن کان بچي سگهن. ❀ ڪجھ معاشرن ۾ جنهن ڏينهن گرهڻ لڳندو آهي اڪثر ماڻهو کاڌو پچائڻ کان پرهيز ڪندا آهن چو ته انهن جو خيال آهي ته گرهڻ وقت خطرناڪ جراثيم پيدا ٿيندا آهن. ❀ ڪيترن ئي مشرقي ملڪن ۾ علم نجوم جا ماهر سج گرهڻ سان لاڳاپيل پيشنگويون ڪندا آهن جن ۾ ڪنهن تباهي يا نقصان جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي، مثال طور چوري، اغوا، قتل و غارت، خودڪشيون ۽ تشدد جا واقعا خاص ڪري عورتن جي اموات ۾ اضافو، لاقانونيت ۽ بي انصافي جا واقعا ڪثرت سان ٿيڻ جي پيشنگوئي ڪئي ويندي آهي. مطلب ته دنيا ۾ سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ بابت مختلف قسم جا تاثرَ رکڻ وارا ماڻهو موجود آهن. گرهڻ ڪنهن جي موت ۽ زندگي جي ڪري نه لڳندو آهي. عرب معاشري ۾ به سج ۽ چنڊ گرهڻ بابت عام خيال هو ته هي ڪنهن وڏي واقعي مثال طور ڪنهن

جي وفات يا پيدائش تي واقع ٿيندو آهي. جڏهن دنيا جي نقشي تي اسلام جي انقلابي دعوت پکڙجي ته الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وهمن کي ختم ڪيو. جنهن ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو وصال ٿيو ته ان ئي ڏينهن سج ۾ گرهڻ لڳو. ڪجھ ماڻهن خيال ڪيو ته هي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي غم ۾ واقع ٿيو آهي، ان ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي سج گرهڻ جي نماز پڙهائڻ ڪانپوءِ خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: سج ۽ چنڊ الله پاڪ جي نشانين مان ٻه نشانيون آهن، انهن کي گرهڻ ڪنهن جي موت ۽ زندگي جي ڪري نه لڳندو آهي. تنهن ڪري جڏهن توهان ان کي ڏسو ته الله پاڪ کي پڪاريو، ان جي وڏائي بيان ڪيو، نماز پڙهو ۽ صدقو ڏيو. (بخاري، 357/1، 363، حديث: 1044، 1060، ملخصاً) (بدشگوني، ص78 تا 81)

## اسلام، گرهڻ بابت ڇا ٿو فرمائي؟

اسلام انهن لغويات (يعني فضول ڳالهين) کان الڳ آهي، اسلام مطابق هي الله جي قدرت جون نشانيون آهن، الله پاڪ جڏهن چاهي چنڊ سج کي نوراني ڪري ڇڏي ۽ جڏهن چاهي انهن جو نور کسي وٺي. (مراة المناجيح، 379/2) الله پاڪ ان تي قادر آهي ته جڏهن چاهي چنڊ جو نور سلب فرمائي ڇڏي بغير ان جي جوسج ۽ چنڊ جي وچ ۾ زمين حائل ٿئي جيڪو چنڊ گرهڻ جو سبب آهي.

## سج گرهڻ ۽ حامله عورت

مغربي ملڪ ۾ رهندڙ هڪ دنياوي تعليم يافته عورت سج گرهڻ کان ڪجھ ڏينهن پهريان سخت پريشان هئي جو ته ان وٽ پهرين ٻار جي ولادت ٿيڻ واري هئي ۽ ان کان پهريان سج گرهڻ ٿيڻ سبب ٻار تي ممڪنه اثرات جو خوف ان کي تشويش ۾ مبتلا ڪري رهيو هو، هن پنهنجي ڊاڪٽر کان پڇڻ لاءِ فون ڪيو ته ڇا ٻار کي گرهڻ جي اثرات کان بچائڻ لاءِ ان کان پهريان ولادت ممڪن آهي؟ ڊاڪٽر ان کي دلاسو ڏيندي سمجهايو ته ان کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي ۽ گرهڻ جي اثرات جي حقيقت وهم آهي. (بد شگوني، ص79)

❀ گرهڻ وقت حامله عورتن کي ڪمري اندر رهڻ ۽ سبزي وغيره نه ڪٽڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي ته جيئن انهن جا ٻار ڪنهن پيدائشي نقص کان بغير پيدا ٿين. ❀ گرهڻ وقت حامله عورتن کي سلائي برت کان به منع ڪيو ويندو

آهي جو تہ هي خيال ڪيو ويندو آهي تہ ان سان ٻار جي جسم تي غلط اثر پئجي سگهي ٿو. اچو! امير اهل سنت کان ڪيل هڪ سوال جي روشني ۾ معلوم ڪريون تہ ڇا واقعي سج گرهڻ جي اثرات جو حامله عورت تي ڪجھ اثر پوندو آهي يا نہ. (بد شگوني، ص79)

**سوال:** ڇا حامله عورت يا ان جي اولاد تي سج گرهڻ يا چنڊ گرهڻ جو ڪو اثر پوندو آهي؟

**جواب:** هي ڳالهہ مشهور آهي تہ جيڪڏهن عورت چنڊ گرهڻ ۾ ڪينچي هلائيندي تہ ٻار جا چپ ڪٽجي ويندا يا ڦلاڻو معاملو ٿي ويندو وغيره. ياد رکو! هن طرح جا جيڪي بہ معاملا آهن شريعت انهن جي حوصلا افزائي نٿي ڪري، البتہ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪنهن وٽ اتفاق سان ڪو چپ ڪٽيل ٻار پيدا ٿيندو آهي تہ چوندا آهن تہ ان جي ماءُ چنڊ گرهڻ ۾ ڪينچي هلائي هئي، حالانڪ ان جي ڪا شرعي حقيقت ناهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 40/3)

## سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ وقت ڇا ڪرڻ گهرجي؟

قرآن و حديث جي روشني مان اها خبر پئي تہ سج گرهڻ هجي يا چنڊ گرهڻ، اهي موقعا لطف اندوز ٿيڻ يا جشن ملهائڻ جا ناهن، ڪجھ ماڻهو سج گرهڻ جو (مخصوص شيشن ذريعي) نظارو ڪرڻ لاءِ ڪڏ ٿيندا آهن. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ گرهڻ وقت سج ڪي سڌو سنئون ڏسڻ سان اک جي بينائي بہ وڃي سگهي ٿي. اسان کي گهرجي تہ اهڙي موقعي کي گناهن ۽ غفلت ۾ گذارڻ بدران الله پاڪ کي ياد ڪريون، گناهن کان سچي توبہ ڪري سنت جي راهہ تي هلڻ جو پڪو ارادو ڪريون. قيامت لاءِ صور ڦوڪجڻ واري وقت کي ياد ڪريون جو جڏهن چنڊ، سج ۽ تارا بي نور ٿي ويندا. سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ جي نماز ادا ڪريون. سج گرهڻ جي نماز کي "نمازِ ڪسوف" ۽ چنڊ گرهڻ جي نماز کي "نمازِ خسوف" چيو ويندو آهي. ڪسوف جي معنيٰ آهي حالت جو بدلجڻ ۽ خسف جي معنيٰ آهي: ڌٻجي وڃڻ، اصطلاح ۾ چنڊ گرهڻ کي خسوف ۽ سج گرهڻ کي ڪسوف چوندا آهن جو تہ ان وقت چنڊ، سج ڌٻيل محسوس ٿيندو آهي. (مرأة المناجيح، 379/2) فقهاءِ ڪرام سج گرهڻ کي ڪسوف ۽ چنڊ گرهڻ کي خسوف چوندا آهن پر هڪ جو ٻئي ۾ استعمال بہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي. (نزهة القاري، 623/2)

# دعاءِ استغفار ڪيو!

صحابي رسول حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آھي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زماني ۾ ھڪ ڀيرو سج ۾ گرھڻ لڳو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ تمام طويل قيام، رڪوع ۽ سجود سان نماز پڙھيائون جو مون ڪڏھن بہ ائين ڪندي نہ ڏٺو ۽ ھي فرمايائون: الله پاڪ ڪنھن جي موت ۽ حيات جي سبب پنھنجون اھي نشانيون ظاھر ناھي فرمائيندو پر انھن سان پنھنجي ٻانھن کي ڊيڄاريندو آھي، لھٰذا جڏھن انھن مان ڪجھ ڏسو تہ ذڪر، دعا ۽ استغفار ڏانھن گھبرائجي اُٿو. (بخاري، 363/1، حديث: 1059)

ھڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آھي تہ صحابي رسول حضرت سَمُرہ بن جندب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضور (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) گرھڻ جي نماز پڙھائي. (ابن ماجه، 93/2، حديث: 1264)

# ھڪ کان وڌيڪ ڀيرا گرھڻ جون نمازون پڙھايائون

اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني پاڪ ۾ ھڪ کان وڌيڪ ڀيرا گرھڻ جون نمازون پڙھائيون آھن، جيئن تہ مختلف روايتن مان ظاھر ٿئي ٿو، ان کان علاوہ ھڪ ڀيرو مڪي پاڪ ۾ زم زم شريف جي چپر ۾ بہ گرھڻ جي نماز ادا فرمائي آھي. (نزھة القاري، 631/2)

حضرت عبدالرحمٰن بن سمرہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زندگي ۾ مديني ۾ تيراندازي ڪري رھيو ھيس تہ سج گرھڻ ٿي ويو، مون تير اڇلائي ڇڏيا ۽ سوچيم تہ رب جو قسم مان ڏسندس تہ سج گرھڻ ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪھڙو واقعو پيش آيو، مان اتي آيس تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز ۾ ھٿ مٿي ڪري بيٺا ھئا، پاڻ تسبيح، تھليل، تڪبير ۽ حمد چئي رھيا ھئا، دعا گھري رھيا ھئا ايستائين جو سج مان گرھڻ کلي ويو، جڏھن گرھڻ کلي ويو تہ پاڻ بہ سورتون پڙھيائون ۽ بہ رڪعتون نماز ادا ڪيائون.[1] (مسلم، ص354، حديث: 2118)

شرح حديث: حديث پاڪ جي ان حصي "مان ڏسندس تہ سج گرھڻ ۾ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪھڙو واقعو پيش آيو" جي تحت مفتي احمد يار خان نعيمي

[1]... حضرت عبدالرحمٰن بن سمرہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نماز جي حالت ۾ ڏٺو، (پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) پھرين رڪعت گِرھڻ جي حالت ۾ ۽ ٻي رڪعت گِرھڻ کُلڻ کان پوءِ ادا فرمائي.

رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا: يعني حضور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ان وقت چا ڪري رهيا آهن تہ جيئن مان پاڻ بہ اهو عمل ڪريان ۽ ماڻهن کي تبليغ بہ ڪريان. خلاصو هي آهي تہ حضور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) گرهڻ جي نماز ۾ دير تائين تسبيح ۽ تهليل وغيره ڪئي پوءِ سورت فاتحہ وغيره پڙهي رڪوع سجدو وغيره ڪري سلام ڦيرايائون.

(مرآۃ المناجیح، 385/2)

احکامِ شَرْع پر مجھے دے دے عمل کا شوق
پیکر خلوص کا بنا یا ربِّ مصطفٰے

(وسائل بخشش، ص131)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

# خوب نيڪيون ڪرڻ جو وقت

مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي شهزادي، سيني مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي ڀيڻ حضرت بيبي اسماء رَضِیَ اللہُ عَنْہا فرمائن ٿيون: حضور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) سج گرهڻ ۾ غلام آزاد ڪرڻ جو حڪم فرمايو. (بخاري، 362/1، حديث: 1054) تہ ان وقت غلام آزاد ڪيا وڃن ڇو تہ غلام آزاد ڪرڻ ۽ تمام قسم جي خيرات سان عذاب دفع ٿيندو آهي.

(مرآۃ المناجیح، 386/2)

امام بدرالدين عيني رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: سج گرهڻ ۾ غلام آزاد ڪرڻ مستحب آهي ۽ ان جو سبب ماڻهن کي ڀلائي جي ڪمن جو شوق ڏيارڻ آهي. (عمدة القاري، 330/5)

امام ابن بطال رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: بيشڪ الله پاڪ ٻانهن کي پنهنجي نشانين ذريعي ديڄاريندو آهي تہ جيئن اهي نيڪ اعمال ڪري الله پاڪ جو قرب حاصل ڪن جيئن تہ هن موقعي تي نماز، غلام آزاد ڪرڻ ۽ صدقو و خيرات ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. (شرح ابن بطال، 46/3)

تو ڈر اپنا عنایت کر، رہیں اِس ڈر سے آنکھیں تر
مٹا خوفِ جہاں دل سے، مٹا دنیا کا غم مولیٰ

(وسائلِ بخشش، ص98)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

# فقهي مسئلا

(بهارِ شريعت جي چوٿين حصي مان سج ۽ چنڊ گرهڻ بابت ڪجھ ديني مسئلا)

﴿1﴾ سج گرهڻ جي نماز سنتِ مؤڪده آهي ۽ چنڊ گرهڻ جي مستحب. سج گرهڻ جي نماز جماعت سان پڙهڻ مستحب آهي ۽ اڪيلي اڪيلي به ٿي سگهي ٿي ۽ جماعت سان پڙهي وڃي ته خطبي ڪان سواءِ جمعي جا تمام شرط ان لاءِ لازمي آهن، اهو ئي شخص ان جي جماعت قائم ڪري سگهي ٿو جيڪو جمعي جي ڪري سگهي ٿو، اهو نه هجي ته اڪيلا اڪيلا پڙهن، گهر ۾ يا مسجد ۾.

(بهار شريعت، 787/1، حصه: 4)

﴿2﴾ گرهڻ جي نماز ان ئي وقت پڙهو جڏهن سج گرهڻ ۾ هجي، گرهڻ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ نه ۽ گرهڻ ختم ٿيڻ شروع ٿي ويو پر اجا باقي آهي ان وقت به شروع ڪري سگهجي ٿي ۽ گرهڻ جي حالت ۾ ان تي ڪڪر اچي وڃن تڏهن به نماز پڙهو. (بهار شريعت، 787/1، حصه: 4)

﴿3﴾ اهڙي وقت گرهڻ لڳو جو ان وقت نماز ممنوع آهي ته نماز نه پڙهن، بلڪ دعا ۾ مشغول رهن ۽ ان ئي حالت ۾ بڏي وڃي ته دعا ختم ڪري چڏين ۽ مغرب جي نماز پڙهن. (بهار شريعت، 787/1، حصه: 4)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن سج گرهڻ عصر ڪان پوءِ يا نصف النهار جي وقت لڳي ته ماڻهو دعا ڪندا ۽ نماز نه پڙهندا، يعني ان ڪري جو انهن ٽن وقتن ۾ نفل پڙهڻ مڪروه آهي. (فتاوىٰ رضويه، 129/5)

﴿4﴾ هي نماز ٻين نفلن وانگر ٻه رڪعتون پڙهو يعني هر رڪعت ۾ هڪ رڪوع ۽ ٻه سجدا ڪيو، نه ان ۾ اذان آهي، نه اقامت، نه بلند آواز سان قرائت ۽ نماز ڪانپوءِ دعا ڪيو ايستائين جو سج ظاهر ٿي وڃي ۽ ٻن رڪعتن ڪان وڌيڪ به پڙهي سگهو ٿا، خواه ٻن ٻن رڪعتن تي سلام ڦيرائين يا چئن تي. (بهار شريعت، 788/1، حصه: 4)

﴿5﴾ جيڪڏهن ماڻهو جمع نه ٿيا ته انهن لفظن اَلصَّلٰوةُجَامِعَةٌ سان پڪاريو.

(بهار شريعت، 788/1، حصه: 4)

﴿6﴾ افضل هي آهي ته عيد گاهه يا جامع مسجد ۾ ان جي جماعت قائم ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ٻي جاءِ تي قائم ڪيو تڏهن به حرج ناهي. (بهار شريعت، 788/1، حصه: 4)

﴿7﴾ جيڪڏهن ياد هجي تہ سورت بقره ۽ آل عمران جهڙيون وڏيون سورتون پڙهو ۽ رڪوع ۽ سجدن ۾ بہ طول ڏيو (يعني ڊگها ڪيو) ۽ نماز کانپوءِ دعا ۾ مشغول رهو ايستائين جو پورو سج نظر اچي وڃي ۽ اهو بہ جائز آهي تہ نماز ۾ تخفيف ڪيو (يعني عام معمول مطابق پڙهو ڊگهي نہ ڪيو) ۽ دعا ۾ طول (يعني دعا دير تائين گهرو)، چاهي امام قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا ڪري يا مقتدين ڏانهن منهن ڪري بيٺو هجي ۽ هي بهتر آهي ۽ سڀ مقتدي آمين چون، جيڪڏهن دعا وقت لٺ يا ڪمان تي ٽيڪ ڏئي بيٺو هجي تہ اهو بہ سنو آهي، دعا لاءِ منبر تي نہ وڃي. (بهار شريعت، 788/1، حصہ: 4)

﴿8﴾ سج گرهڻ ۽ جنازي جو اجتماع ٿئي تہ پهريان جنازو پڙهي.
(بهار شريعت، 788/1، حصہ: 4)

﴿9﴾ چنڊ گرهڻ جي نماز ۾ جماعت ناهي، امام موجود هجي يا نہ هجي بهرحال اڪيلا اڪيلا پڙهو. امام کان علاوه بہ ٽي ماڻهو جماعت ڪري سگهن ٿا.
(بهار شريعت، 788/1، حصہ: 4)

## اميراهل سنت سج گرهڻ جي جماعت ڪرائي

امير اهل سنت جي خدمت ۾ مدني مذاڪري دوران ڪجهہ پيرا سج گرهڻ لڳڻ جو تذڪرو ٿيو، هڪ پيرو پاڻ فرمايائون: زهي نصيب! عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ جماعت قائم ڪري ونو، پرپاسي جا اسلامي ڀائر اچي ويندا، ان کان عَلاوه شاگردن ۽ استادن جو چڱو ڀلو تعداد بہ اسان وٽ آهي تہ جماعت ٿي ويندي. تمام پراڻي ڳالهہ آهي، مون کي ياد اچي ٿو تہ جن ڏينهن ۾ "نور مسجد" ۾ امامت ڪندو هيس انهن ڏينهن ۾ مون سج گرهڻ جي نماز جي جماعت قائم ڪئي هئي. باقي مسجدن ۾ ائين ٻڌو ناهي ۽ ان جو رواج بہ ناهي. مسجدن جون ڪميٽيون ۽ جيڪي امام صاحبان مون کي ٻڌي رهيا آهن اهي سج گرهڻ جي نماز جي جماعت جي ترڪيب ڪن. ائين ضروري ناهي تہ 1000 ماڻهو هجن تڏهن ئي جماعت ٿيندي نہ تہ نہ، 10 يا 20 هجن تڏهن بہ جماعت ڪن، قبوليت جو دارومدار ٿوري يا گهڻي تي ناهي، اخلاص تي آهي. ان لاءِ مهرباني ڪري جماعت ڪرايو چو تہ جماعت افضل آهي. چاهيو تہ علماءِ ڪرام کان مشورو بہ ڪري ونو. ان جي جماعت لاءِ اوهان کي ٽائيم جو اعلان ڪرڻو پوندو. پلي جماعت کان پهريان سج گرهڻ جا مسئلا ۽ روايتون بيان ڪريو، ان دوران ماڻهو جمع ٿي


ويندا پوءِ اوهان نماز پڙهو ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ زاريون ڪري دعا گهرو. ان مان فائدو ئي ٿيندو، ڇو تہ هي نيڪي ۽ عبادت جو ڪم آهي. پاڪستان کان ٻاهر وارا بہ پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ اتي جي وقت جي حساب سان ترڪيب بڻائي مسجدن ۾ ضرور سج گرهڻ جي جماعت قائم ڪن ۽ جڏهن بہ ائين معلوم ٿئي هر ڀيري ائين ئي ڪن. الله ڪريم توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

اَلْحَمْدُلِلّٰه! 18 صفر شريف 1445 تي هن رسالي تي ڪم مڪمل ٿيو. الله ڪريم ان کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي دائمي رضامندي جو ذريعو بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net